## (گُل - ٣٦)



# شاما جي ڪاشي پرياگ ۽ گيا جي ياترا - چٽر روُپ ۾ اُتي بابا جو پهچڻ - ٻڪرن جي گذريل جنم جو اِتهاس

شري سٽگورو جي! اوهانجي شرڻ ۾ اچڻ وارا ڌنيہ آهن. اوهان جي يادگيري ڪهڙي نہ سڪدائي آهي، ۽ اوهان جي سڳڻ روُپ جو درشن، ڪرمن جي بندن کي ناس ڪرڻ وارو آهي. اوهين پاڻ پنهنجن ڀڳتن کي پرتڪش آئيو ڪرائيندا ٿا رهو ۽ ازغيبي شڪتيءَ ڏيکاران، ڀڳتن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، اُنهن کي ديالوُ ماتا جيان، پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو ٿا. جيتوڻيڪ ڀڳتن کي پتو ڪونہ ٿو پوي تہ اوهين هن وقت ڪٿي واسو ڪري رهيا آهيو. تہ بہ اوهين سڀني جي ڪشلتا سان پرپورتا ڪري، سندن مٿي تي هٿ رکي، کين ازغيبي سهائتا بخشي رهيا آهيو.

اُچ ڪوٽيءَ جا ودوان ۽ چتر پرش بہ، اَهنڪار جي چڪر ۾ اچي، هن ڀوساگر جي ڌٻڻ ۾ ڦاسي پون ٿا، ليڪن، اوهان جي شرڻ ۾ اچڻ بعد، اوهين کين اِنهيءَ ڌٻڻ مان پار ڪندا رهيا آهيو. اِها سڀ مهرباني،

اوهين پڙدي جي اوٽ ۾ ڇپي ڪندا ٿا رهو، تڏهن ۾ اوهين سدائين نرليپ آهيو. اوهين پنهنجن نشڪام ڀڳتن جون سڀ اڇائون پوريون ڪندڙ آهيو ۽ ڪين پوم آنند جي پراپتي پڻ ڪرايو ٿا. اوهان جي مٺڙ نالي جو اُچارڻ ئي، ڀڳتن لاءِ سولي ۾ سولو رستو آهي، جنهن ڪري راجس ۽ تامس گڻن کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. ساتوڪ ۽ ڌارمڪ گڻن جو وڪاس ۽ واڌارو ٿيندو ۽ پوءِ نمبروار ويڪ، وئراڳ ۽ گيان جي پراپتي اِي وڃي ٿي اوهان سان اُيڪن ٿي وڃڻ کانپوءِ اسانجو من اِستر ٿيندو ۽ شانت ۾ اچي ويندو. اوهان جـــي ڀڳتي، گيان ۽ شرڌا ڀڳتيءَ جهڙو ٻيو ڪو ۾ سادن ناهي، جنهن سان شانتي، وئراڳ، ڪيولي، موڪش وغيره حاصل ٿي سگهي. اوهين جڏهن ڀڳتن لي (اُنگوهه) ڪرپا ڪريو ٿا، ته ڪنهن نه ڪنهن روُپ ۾ اُلي پهچي ٿا وڃو.

"آپ مڪت، مڪت ڪري سنسار.
نانڪ تس گور ڪئه سدا نمسڪار."

(گوروباڻي)

باباجن سان ٻـڙلچيه اُيڻ کان ڪجهه وقت پــوءِ، ڪاڪا صاحب ديڪشت، پنهنجي وڏي پٽ باپوءَ جو ناگپور ۾ (اُپنين) جڻيي پائڻ جو سنسڪار ڪرڻ جـــو نشچيه ڪيو. ۽ لڳ ڀڳ ساڳئي وقـــت، نانا صاحب چندورڪر، پڻ، پنهنجي وڏي پٽ جي شاديءَ جو

پوءِ گيا روانا ٿي ويا. ريل گاڏيءَ ۾ ٻالڪن وارن پليگ ڦهلجڻ جو ٻڌي، ٻئي ڄڻا ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويا ۽ گيا اسٽيشن تي لهڻ بعد، ڌرمشالا ۾ وڃي لٿا. صبح جو ٻالڪن جي رهڻ ۽ کاڌي جو پربند ڪندڙ (پنڊو) پوڄاري هو، تنهن اچي چيو ته ”سڀ ٻالڪ هتان هليا ويا آهن، اوهين به جلدي تيار ٿي هليا وڃو.“

شاما — گيا ۾ پليگ جي بيماري ڦهلجي وئي آهي ڇا؟

پوڄاري - اوهين اول منهنجي گهر هلي، پوءِ روبرو وڃي حالت نظر مان ڪڍو.

ٻئي پوڄاريءَ سان گڏ سندس مڪان تي پهتا، جا هڪ وڏي بلڊنگ هئي ۽ جنهن ۾ ٻالڪن جي وشرام ۽ آرام لاءِ واجبي بندوبست ٿيل هو. شاما کي جتي رهايو ويو، اُتي مڪان جي بلڪل وچ ۾، باباجن جو وڏو چٽر استاپن ڪيل هو، جو ڏسي شاما اهڙو ته پرسن ٿيو، جو سندس دل ڀرجي آئي ۽ يڪدم باباجن جا وچن ياد آيس ته ”بنارس ۽ پرياڳ مان ٿي وڃڻ کان پوءِ، مان شاما کان اڳي اُتي پهچي ويندس.“ يادگيري اچڻ سان، يڪيڪ شاما جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا، سندس (رومانچ) وارا ڪنڊا ٿي بيٺا، ڪنٺ روڪجي ويس ۽ اکيون بند ٿي ويس.

پوڄاريءَ سمجهيو ته شاما پليگ جي بيماري جي خبر ملڻ ڪري ڏولي رهيو آهي. ليڪن شاما سوال

پڇيس ته ”باباجن جو هي چترُ اوهانکي ڪٿان مليو؟“

پوڄاري - ”منهنجا ٢-٣ سؤ دلال، منماد ۽ پنتامبي جي علائقي ۾ ڪم ڪندا آهن ۽ اُنان گيا ۾ ايندڙ ياترين جي سهنج جو خاص ڌيان رکندا آهن. مون سائين بابا جي ساراهه ٻڌي هئي ۽ (١٢) سال ٿيا تــ شرڌيءَ ۾ وڃي، باباجن جو درشن به ڪيو هوم. اُتي شاما جي گهر ۾ لڳل چترُ، مونکي ڏاڍو وڻيو ۽ باباجـن جي آگيا سان ئي شاما اُهو چترُ مونکي ڀيٽ ڪيو، جـو هيءُ ئي آهي.“

جڏهن پوڄاريءَ کي پتو پيو ته چترُ جي ڀيٽا ڪندڙ خود هيءُ شاما آهي، جو مون وٽ مزمان طور رهيو پيو آهي، تڏهن بيحد خوش ٿيو ۽ ٻني خوشيءَ وچان هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي مليا. پوءِ ته شاما جي اُتي، راجائي ڍنگ سان عمدي سواگت ڪئي ويئي. پوڄـاري وڏو شاهوڪار هو ۽ پاڻ ڏوليءَ ۾ چڙهي، شاما کـي هاٿيءَ مٿان پالڪيءَ ۾ چاڙهي، خوب گهمايـائين ۽ هر ڪنهن طرح جي سندس خاطرداري ۽ شيوا ڪيائين. مطلب ته باباجن جا وچن سـت نڪتا. ڀڳوان کي ڀڳت پيارا آهن.

هڪ پيري ليڊيءَ مان مونٽدي، باباجن ٻڪرين جو ڌڻ ايندو ڏٺو، جنهن مان ٻن ٻڪرين باباجن جو ڌيان اُنهن ڇڪايو ۽ بابا کي اُنهن وٽيا، جو باباجن اُنهن کي ڇڳي

ڪوشش ته گھڻيائي ڪيائين پر ناڪامياب ٿيو، جنهن ڪري هڪ ٻئي جا جاني دشمن بڻجي پيا.

هڪ ڏينهن وڏي ڀاءُ، ننڍي تي لت سان حملو ڪيو ته ننڍي پنهنجي ڪهاڙيءَ سان، وڏي جو سر لاهي ورتو ۽ ٻئي مري ويا ۽ پنهنجن ڪرمن موجب، ٻئي ڀائر ٻڪرن جي جوُن کي پراپت ٿيا. جڏهن ٻئي ٻڪرا منهنجي ويجهو لنگهيا، تڏهن مونکي سندن گذريل جنم جو اِتهاس ياد آيو ۽ ٻنهي تي دَيا آيم. تنهنڪري کارائڻ پيارڻ ۽ سک ڏيڻ جو ويچار آيم. اِهوئي ڪارڻ آهي، جو مون هنن جي لاءِ خرچ ڪيو، جو سؤدو اوهان کي بلڪل مهانگو لڳو آهي. پر ڇاڪاڻ ته اوهان کي اِهو منهنجو سؤدو سَنئو نه لڳو، اِن ڪري ٻنهي کي ورِي واپس ڪيم. سنتن جي درشٽيءَ ۾ سڀ جيوَ هڪجهڙا آهن پوءِ چاهي هو پسؤن هجن، پکي هجن يا اِنسان هجن. ”برهم گياني کي درشٽ سمان“ (گوروائي) هو سڀني ۾ پرماتما پسي، سڀ سان پيار جي هلت ڪندا آهن.